SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريه 2015

# SINDH ACT NO.XXIX OF 2015

# سنڌ ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جو سيڪيورٽي ايڪٽ، 2015

# THE SINDH SECURITY OF VULNERABLE ESTABLISHMENTS ACT, 2015.

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد
Preamble
دفعات
1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement
2. وصفون
Definitions
3. سيڪيورٽي ايڊ وائزري ڪميٽي
Security Advisory Committee
4. ڪميٽي جا ڪم
Functions of the Committee
5. ڪمزور اسٽيبلشمنٽس
Vulnerable Establishment

6. ڪميٽي طرفان صلاح

Advice by the Committee.

7. ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي سيڪيورٽي

Security of vulnerable Establishment.

8. عوامي جڳهن تي سيڪيورٽي

Security of public places

9. اسٽيشن هاوس آفيسر طرفان جانچ پڙتال

Inspection by station House Officer.

10. وارننگ

Warning

11. ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي سيلنگ

Sealing of the vulnerable Establishment.

12. اپيل

Appeal

13. شاهدي فراهم ڪرڻ لاءِ مينجر

Manager to provide evidence

14. ڏنڊ

Penalty

15. ازالوءِ سمري ٽرائل

Cognizance and summary trial

16. دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

17. ٻين قانونن کان اضافي

In addition to other Laws

18. قاعدا جوڑڻ جو اختيار

Power to make rules.

19. زيراثر اثرات

Over_riding effect.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريہ 2015

# SINDH ACT NO.XXIX OF 2015

# سنڌ ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جو سيڪيورٽي ايڪٽ، 2015

# THE SINDH SECURITY OF VULNERABLE ESTABLISHMENT ACT, 2015.

[ پهرين جون، 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪمزور اسٽيبلشمنٽس کي موثر سيڪورٽي فراهم ڪئي ويندي.

تمهيد
Preamble

جيئن تہ دهشت گردي ۽ ٻين ڏوهن کان بچائڻ لاءِ ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي سيڪيورٽي لاءِ انتظام ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي تہ جيئن جديد جانچ لاءِ ڊوائسيز جي استعمال سان شاهدي حاصل ڪري سگهجي ۽ ڏوهن جي پراسيڪيوشن ڪري سگهجي ۽ لاڳاپيل معاملن کي منهن ڏئي سگهجي.

هن ڪي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ، واڌارو ۽ شروعات
Short title,

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي سيڪيورٽي ايڪٽ 2015 سڏيو ويندو.

extent and commencement

(2) هن جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي تيستائين.

a) ”ڪوڊ“ مطلب ڪوڊ ڪرمنل پروسيجر 1898(1898 1898 جوايڪٽ V)؛

b) ”ڪميٽي“ مطلب هن آرڊيننس جي دفعہ 3 تحت جوڙيل سيڪورٽي ايڊوائزري ڪميٽي؛

c) ”ڊپٽي ڪمشنر“ مطلب ضلعي جوڊپٽي ڪمشنر؛

d) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

e) ”ضلعي پوليس جو سربراھ“ مطلب ضلعي ۾ سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس؛

f) ”مينجر“ مطلب ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جو مالڪ يا قبضو رکندڙ ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو ڪمزور اسٽيبلشمنٽ ڪي سنڀالڻ لاءِ مالڪ يا قبضو رکندڙ طرفان ملازمت تي رکيو ويو هجي يا با اختيار بڻايو ويو هجي؛

g) ”بيان ڪيل“ مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

h) ” قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

i) ”سيڪورٽي انتظام“ مطلب موثر طبي ۽ فني سيڪورٽي انتظام جنهن ۾ شامل آهن ڪلوز سرڪٽ ٽيليويزن ڪميرائن, بائيو ميٽرڪ سسٽم, واڪ ٿروگيٽس, سيڪيورٽي الارم ۽ پين

جديد گيجيٽريز جو لڳائڻ ۽ بهتر نموني ڪم ڪرڻ؛ ۽

j) ”ڪمزور اسٽيبلشمنٽس“ مطلب عبادت جي جڳهه يا ڪا ٻي مذهبي جڳهه، سرڪاري حساس دفتر، وفاقي حڪومت غير سرڪاري تنظيم يا پر ڏيهي پروجيڪٽ، اسپتال، بئنڪ، مني چينجر، مالياتي ادارو، فرم يا ڪمپني جو دفتر ، صنعتي يونٽ،تعليمي ادارو، پبلڪ پارڪ، نجي ڪلينڪ، شادي هال، پيٽرول يا سي اين جي اسٽيشن، جيولري شاپ، هوٽل، دل وندرائڻ يا تفريح جو مرڪز، پبلڪ ٽرانسپورٽ، ٽرمينل، اسپيشل بازار، ڪمرشل اسٽريٽ، دڪان يا شاپنگ آرڪيڊ جيڪو هن ايڪٽ تحت ڄاڻايو ويو هجي.

سيڪيورٽي ايڊوائزري ڪميٽي
Security Advisory Committee

3. (1) ڊپٽي ڪمشنر هر سب ڊويزن ۾ هڪ ايڊوائزري ڪميٽي جوڙيندو جيڪا چيئرپرسن طور سب ڊويزنل پوليس آفيسر ۽ هيٺين ميمبرن تي ٻڌل هوندي.

a) بي ايس 16 يا وڏيڪ ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن جو هڪ نمائندو؛

b) بي ايس 16 يا وڏيڪ ۾ پوليس جي اسپيشل برانچ مان هڪ عملدار؛

c) بي ايس16 يا وڏيڪ ۾ ڪاوئنٽر ٽيررازم ڊپارٽمنٽ جو هڪ عملدار؛ ۽

d) واپارين، آبادگارين ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز جا ٽي نمائندا.

(2) ڪميٽي جو ميمبر سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي هڪ سال جي عرصي لاءِ عهدو رکندو ۽ هڪ وڏيڪ مدي لاءِ اهل هوندو پر

ڊپٽي ڪمشنر ٻيهر وڌيڪ هڪ مدي لاءِ ڪيس نامزد ڪري سگهي ٿو.

(3) ڪميٽي جو ميمبر سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر ڊپٽي ڪمشنر کي استعفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ ڊپٽي ڪمشنر سندس جڳهه تي رهيل مدي لاءِ ٻئي ميمبر کي نامزد ڪري سگهي ٿو.

(4) ڪميٽي جو ڪم ايڪٽ يا ڪاروائي ڪميٽي ۾ ڪنهن آسامي يا ڪميٽي جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص سبب غير موثر نه هوندو.

(5) ڪميٽي مهيني ۾ گهٽ هڪ ڀيرو گڏ جاٽي ڪندي اهڙي وقت ۽ هنڌ تي جيڪو چيئرپرسن طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

(6) ڪميٽي پنهنجي گڏجاڻين ۾ ڪاروهنوار جي ڏي وٺ اهڙي ريت ڪندي يا ٻئي صورت ۾ جيئن بيان ڪيو وي هجي پر جيستائين اهڙي ريت بيان ڪيو وڃي، تيستائين چيئرمين طئي ڪندو.

ڪيمٽي جا ڪم
Functions of the Committee

4. (1) ڪميٽي ڪندي:

a) اسٽيبلشمنٽس جي سڃاڻپ ڪندي ۽ ڪمزور اسٽيبلشمنٽس طور نوٽيفڪشن ۾ تجويز ڪندي:

b) ٽه ٽه ماهي جي بنياد تي ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي جاچ پڙتال ڪرڻ؛

c) ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جي ميجر کي اهڙن سيڪيورٽي انتظامن لاءِ لکت ۾ صلاح ڏيڻ جيئن ضروري هجي، اهڙن خطرن جي تاثر جي بنياد تي، اسٽيبلشمينٽ جي نيڪال تي وسيلن ۽ ٻين لاڳاپيل فيڪٽرز جي بنياد تي؛ ۽

(2) ڪميٽي هڪ ذيلي ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي ۽ اهڙي سب

ڪميٽي کي ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي ٽه ماهي جاچ پڙتال جو ڪم حوالي ڪري سگهي ٿو.

ڪمزور اسٽيبلشمنٽس
Vulnerable Establishment

5. (1) ڪميٽي سڃاڻپ ڪندي ۽ ڊپٽي ڪمشنر کي اسٽيبلشمنٽ جو ڪمزور اسٽيبلشمنٽ طور نوٽيفڪشن لاءِ تجويز ڪندي.

(2) ڊپٽي ڪمشنر نوٽيفڪشن ذريعي ڪنهن اسٽيبلشمنٽ جو ڪمزور اسٽيبلشمنٽ طور اعلان ڪندو ۽ ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي فهرست جوڙيندو ۽ ساليانو بنيادن تي تازه ترين فهرست جاري ڪندو.

(3) ڊپٽي ڪمشنر نوٽيفڪشن ذريعي ڪميٽي جي سفارش تي يا ٻئي صورت ۾، ڪمزور اسٽيبلشمنٽ کي ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي فهرست مان خارج ڪري سگهي ٿو.

(4)ڊپٽي ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي فهرست جي نقل ۽ نظرثاني ٿيل فهرست حڪومت، ضلعي پوليس جي سربراهہ ۽ ضلعي ۾ سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرز کي فراهم ڪندو.

ڪميٽي طرفان صلاح
Advice by the Committee

6. (1) ڪميٽي اهڙي ڪنهن اسٽيبلشمنٽ جي مينجر کي سيڪورٽي انتظامن لاءِ مشورو ڏيندي ۽ مينجر ڪميٽي جي مشوري تي اهڙي موزون وقت دوران ضروري سيڪيورٽي انتظام ڪندو جيئن ڪميٽي طئي ڪري.

(2) ذيلي دفعہ (3) تحت ڪميٽي پنهنجي مشوري تي ساليانو نظرثاني ڪندي ۽ جيڪڏهن ضروري هجي نظرثاني ٿيل مشوري تي اهڙي وقت اندر عمل ڪندو جيئن ڪميٽي طئي ڪري.

(3) ڪميٽي، جيڪڏهن حالتون اهڙيون هجن ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جي مينجر کي سال مڪمل ٿيڻ کان اڳ نظرثاني ٿيل مشورو ڏيئي سگهي ٿي ۽ مينجر اهڙي مشوري تي اهڙي وقت اندر عمل ڪندو جيئن ڪميٽي طئي ڪري.

ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي سيڪيورٽي
Security of vulnerable Establishment

7. ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جو مينجر ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جي تحفظ لاءِ مناسب ۽ ڪافي سيڪيورٽي انتظام ڪندو ۽ ڪميٽي جي مشوري تي مشوري ۾ ڄاڻايل وقت اندر عمل ڪندو.

عوامي جڳهن تي سيڪيورٽي
Security of public places

8. مڪاني حڪومت ياڪامقامي اختياري روڊن جي صفائي کي يقيني بڻائيندي، گهيٽن کي ملبي يا تعميراتي سامان کان صاف ڪندي روزاني جي بنيادن تي گند ڪچري جا هنڌ مقرر ڪندي مين هولز کي بند ڪرائيندي ۽ پيگل واٽر سپلاءِ کي هٽائيندي ته جيئن اهڙي ڪنهن هنڌ تي ڌماڪيدار مادو لڪائي نه سگهجي.

اسٽيشن هاوس آفيسر طرفان جانچ پڙتال
Inspection by station House Officer.

9. اسٽيشن هائوس آفيسر ڪنهن به وقت تي ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جي جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿو ۽ پنهجي رپورٽ ضلعي پوليس جي سرابراهه کي آگاهي سان ڪميٽي جي چيئرپرسن کي جمع ڪرائي سگهي ٿو.

وارننگ
Warning

10.(1) جيڪڏهن ڪميٽي مطمئن آهي ڪنهن ذريعي کان حاصل

ڪيل معلومات جي بنياد تي يا ذيلي ڪميٽي يا اسٽيشن هائوس آفيسر جي جاچ رپورٽ مان ته ڪميٽي جي مشوري موجب ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جي مينجر کي ان مشوري جي پيچڪڙي ڪرڻ تي لکت ۾ وارننگ جاري ڪري سگهي ٿي.

(2) ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جو مينجر اهڙي وارننگ جي ليٽر ۾ ڄاڻايل اهڙي وقت اندر ڪميٽي جي مشوري تي عمل درآمد ڪندو.

ڪمزور اسٽيبلشمنٽس جي سيلنگ
Sealing of the vulnerable Establishment

11.(1) جيڪڏهن ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جو مينيجر ڪميٽي جو مشوري تي ڏنل وقت اندر عمل درآمد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ٿو ته ڪميٽي ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جي مڪمل يا عارضي سيلنگ جي هدايت ڪري سگهي ٿو يا ان جي آپريشنز کي مشوري تي مڪمل طور عمل درآمد ۽ مطمئن ڪندڙ سيڪيورٽي انتظامن ٿيڻ تائين ملتوي ڪري سگهي ٿي يا مينجر لکت ۾ حلف کڻي ته اها اهڙي وڌيڪ وقت اندر ائين ڪندو جيئن ڪميٽي اجازت ڏي.

(2) اسٽيشن هائوس آفيسر هن دفعه تحت ڪميٽي جي هدايت تي عمل درآمد ڪندو ۽ اهڙي مقصد لاءِ اهڙي طاقت جو استعمال ڪندو. جيڪا ضروري هجي.

اپيل
Appeal

12.(1) ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جو مينجر مشوري، وارننگ يا سلينگ يا ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جي آپريشنز جي ملتوي ڪرڻ جي هدايت ملڻ جي ٽن ڏينهن اندر مشوري، وارننگ يا سلينگ يا آپريشنزجي ملتوي ڪرڻ جي هدايت خلاف لاڳاپيل ڊپٽي اسپيڪٽر جنرل آف پوليس کي اپيل ڪري سگهي ٿو.

(2) ڊپٽي اسپيڪٽر جنرل آف پوليس درخواست ڪندڙ ۽

ڪميٽي جي نمائندي کي ذاتي طور ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ بعد اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو. جيڪو اهو ضروري سمجهي اهڙو حڪم حتمي هوندو.

(3) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جيترو جلد ٿي سگهي اپيل کي نيڪال ڪندو پر ستن ڏينهن کان وڌيڪ وقت نه وٺندو ۽ فيصلي بابت فوري طور تي درخواست گذار ۽ ڪميٽي کي آگاهه ڪندو.

(4) ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جو ڊائريڪٽر ڪميٽي جي مشوري ۾ اهڙي وقت اندر عمل درآمد ڪندو جيڪو ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پاڪستان طرفان ڏنو ويو هجي.

شاهدي فراهم ڪرڻ لاءِ مينجر
Manager to provide evidence

13. ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جو مينجر ڏوهه جي اهڙي گواهي پوليس يا ڪنهن ٻئي جاچ ايجنسي کي فراهم ڪندو جيڪا ان ڪمزور اسٽيبلشمنٽ جي سيڪيورٽي انتظامن ذريعي حاصل ڪئي وڃي.

ڏنڊ
Penalty

14. جيڪڏهن ڪوشخص جاٽي واٽي دفعه 10 جي گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو يا دفعه 11 ۽ 12 تحت جاري ڪيل هدايت تي عمل درآمد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا دفعه 13 تحت جاچ ايجنسي کي شاهدي ڏيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته اهو قيد جي سزا لائق هوندو جيڪو ڇهه مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو پنجيتاليهه هزار روپين کان گهٽ نه هوندو.

| | |
|---|---|
| ازالو۽ سمري ٽرائل<br>Cognizance and summary trial | 15. (1) هن ايڪٽ تحت ڏوهه ازالي لائق ۽ ضمانت نه ڏيڻ جوڳو هوندو.<br>(2) جڊيشل ماجسٽريٽ هن ايڪٽ تحت ڏوهه جي ٻڌڻي سمري ٽرائلز سان لاڳاپيل ڪوڊ جي باب XXIIجي گنجائش تحت ڪندو. |
| دائره اختيار تي پابندي<br>Bar of Jurisdiction | 16. ڪو مقدموڪيس يا ٻئي ڪاقانوني ڪاروائي ڪميٽي يا ڪميٽي جي هدايت تي ڪم ڪندڙ ٻئي شخص يا حڪومت خلاف نه ڪئي ويندي ڪنهن به ڪم جي ڪري جيڪو سٺي نيت سان ڪيو ويو هجي يا هن ايڪٽ تحت ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو هجي. |
| ٻين قانونن کان اضافي<br>In addition to other Laws | 17. هن ايڪٽ جون گنجائشون اضافي هونديون ۽ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون سان ٽڪراءُ ۾ نه هونديون. |
| قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules. | 18. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. |
| زيراثر اثرات<br>Over_riding effect. | 19. هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اوور رائيندنگ افيڪٽ حاصل هوندو جسيتائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جيي متضاد نه هجي. |

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**